# اُتم ۽ انسانيت

- هولارام هنس

اڄ آءٌ اُن اديب جي تصوير اُجاگر ڪندس جنهن پنهنجي دؤر جي هر قدر سان بغاوت ڪئي؛ اهو سياسي هجي چاهي سماجي، مذهبي هجي چاهي ادبي. هو پنهنجي ماحول ۽ روح ۾ جيڪي ٻالهيون محسوس ڪري ٿو، اُهي ۽ اُنهن کي جيڪو لفظن جو جامو پهرائي ٿو، اُهي عام انسان جي احساس کان متيريون آهن. هن ساري عمر اِنسانيت سنڌيت جي سفر ۾ طئہ ڪري ڇڏي آهي. اڄ سندس زندگيءَ جي شام ۾ بہ ساهت، سنڌيت، اِنسانيت، هن جي چپرن جي چائوَ ۾ ڪرَ موڙيندا نظر ايندا.

هن جي انسانيت جو هڪڙو پهلو اِهو آهي تہ جيتوڻيڪ قلم، انسان جي ٻکہ نتو مٽائي سگهي پر جيڪڏهن قلمڪار، اُهيءَ کي بک مٽائڻ لاءِ، حالات سان ٽڪر نتو کائي تہ هو عظيم گنهگار آهي.

آتما پلي امر هجي پر هيءُ سنسار کي سپنو ڪونہ ٿو سمجهي ۽ هڪ انسان ۽ ٻئي انسان جي وچ ۾ ڀيد ڪونہ ٿو سمجهي.

هن جي انسانيت جو هڪ نئون پهلوُ اِهو آهي تہ:

.....اهڙو ڪوبہ قانون نہ ناهيو وڃي جو انسان جي عزت کي ضرب رسائي. پي مکيہ ڳالهہ تہ انسان ضمير جي آواز کي نہ لنوائي. هروقت، هر فرد کي حق ۽ انصاف جي ڳالهہ چوڻ کپي، ڇاڪاڻ جو انسان جو ضمير ئي وڏي وٿ آهي. (وڌيڪ ڄاڻ لاءِ سندس رچنائون پڙهو)

پريو آهي، اُتم وانگر بيڊروم تي اڃا اُنهن حق نہ ڄمايو آهي. هاڻي توسان ڪٿ پٽ نہ ڪبي. ويني ڪتابن سان لاڙون لئہ.

هڪ ليڪڪ هئڻ جي ناتي، هن سندريءَ ۾ لڪل ٻين ڪلائن نرتيہ، گيت، سنگيت وغيره ڪان وڌيڪ رچناڪار روپ کي همٿائي سنڌيءَ جي اوچ ڪوٽيءَ جي ليکڪا بڻجڻ جو شرف ڏنو.

گذريل سال سيا پاران (اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا) سنڌيت جي شيدائي ۽ سمرپت شخصيت جو -/25,000 انعام ڏيڻ وقت اُتم جو نالو آيو تہ يڪراءِ تاڙين جي ٺهڪي سان قبول ڪيو ويو جو ڀلي ڪو ويچارڪ سطح تي اُتم جو وروڌي هجي، متڀيد رکندو هجي، پر اهو هرڪو بنا سوچ ويچار ۽ مخالفت جي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيندو تہ اُتم سچ پچ سنڌيت لاءِ سمرپت شخص آهي.

سچو سنڌي آهي.

سنڌيت سندس ساه آهي.

منجهس سنڌيت جو هڳاءُ آهي.

سندس هر ٻول سنڌيت جو پرلاءُ آهي.

سنڌي لپيءَ جو ماهر محافظ ۽ داناءُ آهي.

اسان سڀني جو فرض آهي تہ اهڙن پيڙه جي پٿرن (نينوَ کي اينٽ) کي جوڳو سنمان ڏيئي پريرڻا حاصل ڪري پاڻ کي سچو سنڌي چوارائڻ جي لائق بڻايون!

جيئي سنڌي، جئہ سنڌي!

ٿو.

ڪمري جا ڪٻٽ، جارا، ٽيبل، ڪرسيون ئي نہ ڊبل بيڊ جو ڏيڊ پلنگ بہ ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن سان ڀريو پيو آهي. وگيانڪ جنهن ايڪاگرتا سان ڪوجنا جو ڪم ڪندا آهن، دادا اُتم سنڌي ساهت ۽ سنڌيت لاءِ ساڳئي نموني، حياتيءَ جي هر پل ڪي هن سنڌيت جي يگيہ ۾ هوم ڪيو آهي. سنڌي لپيءَ بابت ليک هجن يا تعليم جيِ هيٺيِ حالت تي سوچ هجي، ڪهاڻيون هجن يا تنقيد، اُتم موٌجود هوندو آهي. هوُ سنڌي ادب ۽ هلچل جيِ جيئري جاڳندي ڊڪشنري يا ڪمپيوٽر آهن. شل نہ ڪنهن ڪان سال يا تاريخ جيِ غلطيِ ٿئي بروقت پنهنجن ليکن ذريعي ڏيان چڪائيندا. ڪنهنجو ڪهڙو ڪڏهن جو ليک، رچنا، ڪٿي رکيل آهي بنا دير ڪڍي ڏيکاريندا. خاص ٽڪرا انڊرلائين ڪيل بہ هوندا. هن عمر ۾ باوجود ناساز صحت جي، ايترو ذهنيِ پورهيو ڪرڻ ڀلا ڪنهن رواجيِ شخص جو ڪم آهي؟ نہ، نہ، اُن لاءِ اٿاہ منوٻل ۽ ساہ ۾ سنڌيت جو جذبو هجڻ ضروري آهي، جو بيشڪ دادا اُتم ۾ آهي. ادب جي راهہ ۾ مان اڃا ٻار آهيان. پڙهڻ جو شوق ڪڏهن ڪڏهن گهر ۾ ڪليش جو ڪارڻ بہ بڻبو هو.! ٻار ۽ گوڪلاڻيِ ڪاوڙجيِ چوندا، ’گهر جيِ ڪا ڪنڊ ڪتابن ۽ پنن ڪان خاليِ آهي؟‘ پر جڏهن مسٽر گوڪلاڻيِ دادا اُتم جي گهر، ممبئيءَ ۾ هليا ۽ اُتي دادا جو سرسوتيِ مندر ڏٺائون تہ وڏي پريرڻا ملين. چيائون، ’شڪر آهي تو لِونگہ روم، ڊرائنگہ روم ۽ سٽڊي روم ئي ڪتابن سان